سوال نمبر: ٢
جواب نمبر: ٢

١- تعارف: سچل سرمست نه صرف سنڌ جو بر
هندي کنڊ جو سڀ کان اهم شاعر آهي. سچل
سرمست جو سچو نالو عبدالوهاب فاروقي
آهي. سندن جو خاندان حضرت فاروق
سان ملي ٿو. سچل سرمست حافظ قرآن
به هيو. سچل سرمست حقيقت ۾ هڪ
سرمست بي باڪ شاعر هو جيڪو سادو ڪاٽيندو
هو، سادو پيئندو هو، راڳ جو گهڻو شوقين
هو، موج ۽ مستي ۾ اچڻ کان پوءِ پيادو
هلندو هو. سچل بنيادي طور تي هڪ
صوفي شاعر هو پر هو بيباڪ آهي
هو هنن جي ذات جي انا پرستي ختم ڪري
ڇڏي ٿو. سچل سرمست جي شاعريءَ ۾
بي باڪيءَ جو عنصر ان لاءِ به ملي ٿو
ڇا ڪاڻ ته سچل صاحب جيئن منصور الحلاج
کان بي حد متاثر هو

٢- سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ بيباڪيءَ
جو عنصر

شاهه عبداللطيف سچل سرمست لاءِ
فرمايو هيو ته جنهن دلي کي اسين
ٺاهيو ۽ جوڙيو آهي انهن جا
ٻڪڙ سچل لاهيندو. سچل ٻڪڙ
بدران دلو ئي ٽوڙي ڇڏيا. ان
جو مختصر مطلب اهو هيو ته سچل سرمست
جي بي باڪي جاري ۾ شاهه سائين به
واقف هيا. شاهه سائينءَ پنهنجي شاعري
لڪيل لفظن ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون

سچل سائينءَ ڪليءَ انداز ۾ ڪيئي اشعار چيا آهن.

## (الف) سچل سرمست جي بيباڪي ۽ منصور الحلاج

سچل سرمست ان شخص مان متاثر هو جيڪو جيڪو اناالحق جي ڪيفيت وحدة الوجود مان گهڻو متاثر هو. منصور الحلاج جي اناالحق واري ڪيفيت کي پنهنجي شاعري جو حصو بڻايو اٿس. شاهه صاحب جا لفظ سچل سائين جي باري ۾ ان ڪري به هيا چاڪاڻ جو منصور الحلاج مان متاثر هيا ۽ منصور اهو ماڻهو هيو جنهن کي جنهن شخص جيو اي منصور جا توڻ خدا هئڻ جي دعوي ڪري رهيو آهيو ان ڪري ان ورايو ته افسوس توڻ منهنجو مرشد گهڻ ڪري چڙيو چاڪاڻ جو مان پيغمبري نه ۾ مان خدا هئڻ جو دعوي ڪري رهيو آهيان.

منصور الحلاج يا سچل سرمست ان ڪري به انا دعوي ڪندا آهن چاڪاڻ ته هنن جو چوڻ آهي الله تعاليٰ پاڻ قرآن حڪيم ۾ چيو آهي ته مان توهان کي توهان جي ساهه جي رڳ کان به ويجهو آهيان. سچل سرمست ان ڪري مستي ۾ اچي اهي شعر چيا آهن.

## (ب) سچل سرمست جي بيباڪي ۽ ڪفر جو فتوائون

سچل سائينءَ جي بيباڪيءَ جي ڪري ان تي ڪفر جون فتوائون پڻ لڳيون.

Date

سچل سائين وڏو جون فتوائون لڳڻ کان بعد به چپ نه رهيا ۽ هن پنهنجي شاعري لکندي رهيا. منصور جيئان هن گهڻيون فتوائون ۽ تڪليفون ڏٺيون پر پنهنجي قلم کي جنبش نه آڻڻ ڏنائون. سچل سائين پنهنجي پوري زندگي لکندا رهيا.

**(ب) سچل سرمست جا ڪجهه شعر جنهن ۾ بي باڪي بلڪل ظاهر آهي**

سچل سائين ملن کي پنهنجي شاعري ۾ باقاعده طريقي سان سوگهو ڪيو ۽ ڪجهه بهترين شعر چيا جيڪي اڄ به ڳايا ويندا آهن.

اڙي او ملان انهي منهن جو ڇڪو مه ڇڪين -

مٿين ڏنل شعر ۾ سچل سرمست ملن کي پنهنجي ڪيفيت جي باري ۾ ٻڌائيندي چون ٿا ته جيڪڏهن ان ڪيفيت مان جنهن مان گذري رهيو آهيان جيڪڏهن توهان گذرو ته ان جو ڇڪو چکيو ته پنهنجي منهن تي ڇمارن هڻيو ۽ پوءِ توهان کي حقيقت جو پتو پوي.

الله الله چو ڪرين، پاڻ ئي الله جاڻ -
سچو سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان -

ڪيهي ڪعبي ڪيهي قبلي، اهي ته سڀ بهاني -
مين ڪيون نيت ڪعبي دي طرف، پير ميڏا ايماني -
سچل آپ سائين فرمايا، ٿيو حق مستاني -

Signature

29

No.

Date

سچل سائين جا اهڙا ڪيترائي شعر
آهن جنهن مان بي باڪي ۽
سرمستي جو عنصر بلڪل واضح آهي

۳- اختتام: سچل سرمست جي بي باڪي
جي انداز مان ان جو مرشد به ڀليءَ ڀت
واقف هيا. شاهه سائين به واقف هيو
ان ڪري ئي فرمايو هيو ته جن دلين
تي اسين ڍڪڻ ڏنا آهن انهن جا ڍڪڻ
سچل سرمست لاهيندو. سچل جي
شاعري ۾ بيباڪي جو عنصر ان لاءِ
به ملي ٿو ڇاڪاڻ ته هو منصور الحلاج
مان گهڻو متاثر هيا.

---

---

سوال نمبر ٤:
جواب نمبر ٤

## (الف) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
### تعارف:-

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جهڙو
محقق سنڌ کي شايد ئي ڪوئي مليو
ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻولي
تي ڇيڪو ڪم ڪيو ۽ تاريخ تي جيڪي
ڪتاب لکيا انهن جو ڪو به ثاني نه آهي.
ڊاڪٽر صاحب 1917ع ۾ ڳوٺ جعفر
لغاري، ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. بنيادي
تعليم اتان ئي حاصل ڪيائين. بي اي
جوناڳڙهه ۽ ايم اي علي ڳڙهه مان
ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب 1946ع ۾ آمريڪا
ويو ۽ اتان پي ايڇ ڊي ڪري 1949ع ۾
وطن واپس آيو. پاڻ تقريبن ٻن
دور تائين ايسي لکي چڪو آهي جن
مان 50 ڪتاب رڳو لوڪ ادب تي
آهن.

## (ب) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي علمي خدمتن تي مختصر نظر وجهجي ٿي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب
ايترو بهترين محقق هو جو دنيا جي
عالمي اداري يونائيٽيڊ نيشن (UN) جي
چيو ته دنيا جي تاريخ تي انهن کي
بوڪ لکي ڏيو ۽ جڏهن ڊاڪٽر صاحب
جڏهن اهو بوڪ انگريزي ۾ لکي UN
کي ڏنو ته ان بوڪ مان هڪ لفظ
به ڪڍي ڪونه ڪيا ويو ۽

ان ئي حالت ۾ اهو بوڪ ڇپيو. ان ڳالهه مان اهو واضع ٿئي ٿو ڊاڪٽر صاحب کي ڪيترو علم هيو.

## ڊاڪٽر مهتاب صاحبا هڪ

انٽرويو ۾ پيو ته ڊاڪٽر صاحب جي بوڪن کي پڙهڻ لاءِ هڪ زندگي ۽ وري انهن کي سمجهڻ لاءِ ٻي زندگي جي ضرورت آهي. اهو ان لاءِ ته هو پنهنجو گهڻو وقت پنهنجي ڪتابن سان گڏ گذاريندا هيا. ڊاڪٽر صاحب اهو به واضع ڪيو هيو ته هن پنهنجي گهر وارن کي ۽ پنهنجي ٻارڙن کي وقت ڪونه ڏنو ۽ پنهنجو گهڻو وقت ڪتابن کي ئي ڏنو. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادب ۾ نه ڪم ڪيو ٻي ۾ هن ٻيون به خدمتون سرانجام ڏنيون.

## (الف) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ

ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب 1962ع ۾ لکيو. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت لکيو. هن خود ساڳيا ٻوليءَ تي خوب جدا ڪئي ۽ ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پنهنجو نظريو ڏنو. هن فرمايو ته سنڌي ٻولي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي." ان کان علاوه ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ارتقا تي بهترين تحقيقي مواد پيش ڪيو آهي.

Date

(ب) لوڪ ادب: ڊاڪٽر صاحب سنڌ جو لوڪ ادب لغت سان گڏوگڏ ڏاهپ جي لفظن جي بڻاوٽ ڪري ڪم آندو آهي. ڊاڪٽر صاحب جن ڪم ڪيو جيئي، پنهنجي سنڌ جي وڏي حصي سان گوناگون ڪري اسان کي به ڀلا موتي ڏنا.

(پ) پيلو پن جا ٻول: ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ پيلو جي شاعري بابت مواد گڏ ڪيو آهي. جنهن مواد ۾ هو پيلو جي علائقي ۾ گهمي ڦري گڏ ڪيو آهي ۽ ان بابت هڪ مختصر ۽ بهترين ڪتاب لکيا ٿون.

ڊاڪٽر صاحب ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا جنهن ۾ جامع سنڌي لغات، ڪليات هل، شاهه جو رسالو ۽ شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام.

(س) پڇاڻي: ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي خدمتن سرانجام ڏنيون. سندس ڪارناما وڏي ۾ پنهنجي ڌرتي جو ڪيترو ملهايو ۽ پنهنجي سڄي ڪوشش سنڌي ادب جي تاريخ ۾ کوجنا ۾ لڳائي ڇڏي. ڊاڪٽر صاحب سنڌ جو حقيقي عاشق پڻ هيو. هن ملڪ ۽ دور جي ٻارن ۽ مستقبل جي ٻارن لاءِ اهو احساس ڪيو ته هو پنهنجي سنڌين کي پنهنجي ٻوليءَ بابت آشنا ڪيو.

No. ______

Signature ______

Date

## ب) مرزا قليچ بيگ

1) تعارف: مرزا قليچ بيگ سنڌ جو ناميارو اديب ھيو جيڪو 1853ع ۾ ڄائو ۽ 1923ع ۾ فوت ٿي ويو. ھن بمبئي مان بي اي ڪيائين. ھو پي اي جي آخري سال ۾ فيل ٿي پيو سنڌ ۾ واپس اچي مختيار ڪار ٿيو ۽ پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ٿيو. مرزا صاحب انگريزي، فارسي ۽ عربي جو وڏو عالم ھو. ھن جو مطالعو سنڌو سنڌوسيع ھو. مرزا صاحب سنڌي ادب ۾ بھترين ڪوششون ڪيون ۽ سنڌي کي عام ماڻھن تائين پھچايو.

## 2) مرزا قليچ بيگ جون ادبي خدمتون

مرزا صاحب تقريبن 400 کن ڪتاب لکيا، جن ۾ گھڻائي ترجمن جي آھي. ھن تقريبن ادب جي ھر صنف تي لکيو. ادب کان علاوه سائنس، باغباني ۽ صحت وغيرہ تي به پنھنجي قلم جا جلوه ڏيکاريا آھن. ھتي سنڌس تخليقن جو مختصر جائزو وٺجي ٿو.

## 1 الف) مرزا صاحب بحيثيت ناول نگار

مرزا صاحب بحيثيت ناول نگار ڇھوڇھو ڪم ڪيو. ھن شروعاتي دور ۾ ناولن کي ترجمو ڪيو ۽ پوءِ پنھنجا خود ساختا ناول لکيائين. ناولن مان بھترين ناول "زينت" ۽ "دلارام" جا ناالا سرفھرست آھن. ھن ناولن کتي ھوءِ بھترين ناول سمجھيو ويندو آھي. مرزا صاحب جي ناولن ۾ پنھنجي من جي بھترين عڪاسي ڪئي اٿس.

صفحات جيئن نامو ۽ قديم سنڌي ڪهڙو فارسي ۾ لکيل هوا ان کي سنڌي ۾ ترجمو ڪيائون.

## (ت) مرزا صاحب بحيثيت شاعر

مرزا صاحب نثر کان علاوه بهترين نظم پڻ لکيا. شاعري جو موضوع گهڻو ڪري انسانيت، اخلاق، ۽ دين ۽ دنيا جو رجحان ملي ٿو.

## (٣) اختتام

انگريز دور کي جيڪڏهن مرزا قليچ بيگ جو دور چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته مرزا صاحب هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جهولي نه اجهو ڏنو هن جي ڪوششن موجب سنڌي ٻوليءَ جي هر صنف ۾ اضافو ٿيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي ذريعي هڪ ته ادب جو اضافو ٿيائين ٻيو پنهنجي اصلوڪن لکيل ساڻ ادب کي بلندين تي پهچائي ڇڏيائين. سڀ کان سٺو ڪم اهو ٿيو جو ڏاريا مصرا ان جوڙيو ۽ سنڌي ٻولي پنهنجي سنڌ ۾ پهريون پيرو سرڪاري ٻولي ٿي. ان ڪم ۾ صورتخطي جي تشڪيل انقلاب آڻيو جنهن ۾ مرزا صاحب بهترين ڪردار ادا ڪيو.

Date

سوال نمبر ۸ :
جواب نمبر ۸ :

(الف) سنڌي مان انگريزي ۾ ترجمو

As rain relates to weather, so tears relate to emotions. Rain is either seasonal or non-seasonal, it is easy to differentiate them. However, it is very difficult to recognize water coming out of eyes because human ~~is involved~~ goes through many emotions at a time. If tears would have colours according to emotions, tears and troubles, eyes would shed colourful tears.

(ب) انگريزي کان سنڌي ۾ ترجمو

اڄ مونکي احساس ٿيو ته مان قاتل آهيان، مون پنهنجي تخليق کي ماري ڇڏيو، مان خطرناڪ جانور آهيان جنهن پنهنجي ~~جي بصورت~~ معصوم جذبات کي بي رحمي سان روندي ڇڏيو. مان هڪ اهڙو جن آهيان جنهن پنهنجي تخليق کي پيدا ٿيڻ کان پهريان ئي ماري ڇڏيو. اڄ مان پنهنجي انوار سمايل پراڻي فنڪار سان مليو، ۽ پاڻ ان کي بيحد مددگار قيدي ڪيو، پيا ان کي بي رحمي سان دٻائي ڇڏيو. مان هڪ فنڪار ٿي سگهان پيو، هڪ شاعر، هڪ ڪھاڻيڪار، جيڪو مان پنهنجي دل کي پڃري کان آزاد ڪيو هجي ها ۽ پنهنجي آواز ٿي

No.

Date

ڪن ڏيو جي ها. مان پنهنجو پاڻ ڪاڻ
پنهنجا احساس لکا ٿيندو وڃيس. پر خوش
قسمتي سان مون کي اهڙو ڪتاب مليو
منهن جو عنوان آهي ايڪيهين صدي جي
عورت پڙهڻ مان ڪي جهڙ ڪهاڻيون پڙهيو
مان توهان جي لکڻي مان ڏاڍي متاثر ٿيس
ان کان پوءِ مان تمام منهنجي ۾
حيران ٿي ويس جا ڪالڙ نه مون کي
احساس ٿيو ته مان به اهڙي تخليق
ڪلا جيت ڪري سگهان ٿي. پر مان ڪڏهن به ان
کي پاڻ لاءِ موقعي طور استعمال ڪونه
ڪيو. پر توهان توهان جي ڪتاب مون کي
ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ منهنجون اکيون
کولي ڇڏيون ته مان پنهنجي اندر جي دنيا
۾ جهاتي ڏسان.

سوال نمبر ٦:

جواب نمبر ٦:

## ١- تعارف

ڪلھوڙن جي دور کي سنڌي ٻوليءَ جو سنهري دور سڏيو ويندو آهي ڇاڪاڻ ته حڪمران مقامي هيا. پر صرف اهو هڪ سبب نه هيو جنهن جي ڪري هن دور کي سنهري دور سڏي سگهجي. هن ئي دور ۾ شاهه عنايت شهيد جهڙو، شاهه سائين عبداللطيف (ر) جو روحاني مريد هيو. هن کي ڪلھوڙن قتل ڪرايو پر ان جو ڪم شاهه صاحب اڳتي وڌايو. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ انقلاب آڻيو ويو.

## (٢) ڪلھوڙا دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ادبي جائزو وٺجي ٿو

هي دور سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهم دور رهيو. ماضي ۾ شعر ترقي هن دور ۾ به ٿيندي رهي.

**(الف) ٻولي:** هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ان ڪري ترقي ماڻي جو شاهه صاحب نيٺ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي. هن دور ۾ ٻين دورن جي مقابلي فارسي ۽ عربي ٻولين کي گهٽ ڪار آمد آندو ويو. هن ئي دور ۾ ڪافي اصطلاح ۽ ~~[illegible]~~ محاورن جي شامليت ٿي.

Date

(ب) مذهبي ادب: هن دور ۾ مخدوم ابو الحسن ٺٽوي جديد لپي (عربي) ايجاد ڪئي جنهن سبب ڪتابن لکڻ جي تحرير شروع ٿي هن دور ۾ مذهبي ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ٿيا ۽ نون ڪتابن کي لکيو ويو.

(ٻ) شاعري ۾ جدت: شاهه سائين جي شاعري جي ايجاد سان شاعري ۾ بهترين جدت جو رجحان پيدا ٿيو ۽ شاعري شعري ذريعي مضمون ۾ پکڙجڻ لڳي.

(پ) غزل گو شاعري: هن دور ۾ غزل گو شاعري به رائج ٿي جنهن ۾ مرزا ادشهه، نور محمد خسته ۽ حافظ عالي اهم آهن.

(ت) تصوف: هن دور ۾ تصوف جي شاعري جو جنهن صوفي فطري عمل هو جي ڪري جو شاهه ڪريم جو اثر پيو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي وڏي شاهه عنايت شهيد مان متاثر هو. ان ڪري هن دور ۾ تصوف جي جهم گهڻو ٿيو.

(ٿ) نثر نويسي ۽ لوڪ ادب
اهو عالمن جو عام رواج هو ته نثر جي باقاعده شروعات انگريز دور ۾ مرزا قليچ صاحب ڪئي ته هن دور ۾ به نثر جا اصول به ملن ٿا. هن دور لوڪ ادب به گهڻو ترقي ڪئي.

## (٣) هن دور جون نيون صنفون هيٺ ڏجن ٿيون

(i) ڪافي يا وائي

(ii) سينگار : محبوب جي تعريف

(iii) مولود : نبي پاڪ جون صفتون

(iv) مدح : نبي پاڪ جي ثنا عرب جي مدح

(v) مناجات : ڌڻي کان پاڪائي

(vi) مناقب ۽ معجزا : معجزا

(vii) غزل

## (٤) اختتام

هي دور ان ڪري هڪ سنهري دور آهي جاڪاڻ ته هن دور ۾ نيون صنفون ايجاد ٿيون ۽ شاهه عبداللطيف جهڙا شاعر پيدا ٿيا هن دور ۾ ادب ۾ ڪافي ترقي ڪئي